gio

روپڪ

(چئن ريڊيو- ناٽڪن جو مجموعو)

منوهر بيدي

سهڪار پبليڪيشن
بئرڪ 378 روم 5، او.ٽي. سيڪشن
الهاس نگر- 421001

ٻه اکر

هڪ ساهتيڪار انيڪ شڪتن
تي سوچيندو آهي، سوچ جون ڌارائون
نه فقط انيڪ، مکيه آهن، پر انيڪ ڌارائن
تي وهندڙ پڻ آهن. ضروري ناهي ته
اُهي ڌارائون هم خيال به هجن. ڪڏهن
ڪڏهن اُنهن جو تضاد اچرج ۾ وجهندڙ
پڻ هوندو آهي.

واسنا، پريم، آتمواد، ڀڳتي،
پنرجنم، سياست ۽ اپراڌ اِهي وشيه
آهن، جيڪي منهنجي سوچ جو گهڻو
حصو والاريندا آهن، مان بنيادي طرح
Passive thinker آهيان. ڪرم جي
کيتر ۾ ٽپڻ جي نه همت اٿم ۽ نه چاهنا.
ڪجهه سائين جي سهڪار ڪانسواءِ ڪوئي
ڪم هٿ ۾ کڻڻ جي سوچي به نه سگهندو

روپڪ

(چئن ريڊيو ناٽڪن جو مجموعو)

ليکڪ : منوهر بيدي.
پرڪاشڪ : شريمتي سشما بيدي.
سهڪار پبليڪيشن،
بئرڪ 378/5، او. ٽي. سيڪشن
الهاس نگر - 421001

سائڪلوسٽائيلنگ : راجسي ڊپليڪيٽر.
الهاس نگر 3.

ڪاتب : موهن پرٽياڻي

مي 1987	روپيه 5/=	ليکڪ وٽ

(1) بادشاهه رام

MOKSHA THRO' MATHEMATICS.............

رام تيرٿ

آچاريه

ٽيچر

هيرانند (پيءُ)

دوست

جهنب ومل

سوترڌار (آواز)

ٽڪيل 14-8-84 کان 2-10-84 تائين.

اٽڪيبل - اپرسارت.

آکيان.

"بادشاهه رام" ۽ "پکشين جي شڪتي"
اهڙن پرش ۽ استرين جون ڪهاڻيون آهن. جنهن جي پکشي ۽ پريم جنون جي حد کي وڃي ڇهيو هو ۽ ان لاءِ ڪوئي چمتڪار ٿي وڃڻ هڪ سڀاويڪ پرڪريا هئي.

"تلوار جو پاڻي" ۾ رياست، پکشي ۽ ديش پکشين جي ٽڪر کي کنيو اٿم. ڪهين راڄ جي هي ڪهاڻي اڄ جي حوالي ۾ به ٺيڪ ٺيڪ ٺهڪي ٿي اچي. ديش هر حال ۾ پرانت کان مٿي آهي.

"چالاڪ شينهن" پنچتنتر جي هڪ ڪهاڻي آهي. جنهن کي مون اڄ جي زماني سان ٺهڪايو آهي. سنڌر ۽ پيچيدار لفظن جي پٺيان ڪيترائي نه خطرناڪ ۽ خوني پرو ريون لڪل آهن. اها حقيقت هاڻي به چالاڪ ٿو ۽ لومڙين ۾ چالو ٿيا.

منوهر بيدي.

:: سلسلو ::

جي آچار ۾ اڳڪٿي ڪئي ته :

آچاريه: ڏنيه ڀاڳ آهن ننڍنجا هيرالند! ڏنيه آهي هي ڌرتي! ماڻهن ٻالڪ ۾ ايشور جو تيج ڏسي رهيو آهيان.

آواز : رام جي جنم کان هڪ سال پوءِ سندس ماتا جو ديهانت ٿيو ۽ رام جو پالڻ پوشڻ چاچي گروداس ڪيو. ٻن سالن جي عمر ۾ رام جو مڱڻو ٿيو ۽ ڪجهه وقت بعد پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ کيس داخل ڪرايو ويو.

ٽيچر: ٻارو. هڪ ڳالهه هميشه ياد رکجو. جيون جو پهريون اصول آهي : ڀڳوان کان ڏڪندو رهڻ - ڪَتِ ٻه، ڪَنَبُ....

آواز : وڌيڪ پڙهائيءَ لاءِ رام کي گجران والا جي هڪ مشن اسڪول ۾ ڀرتي ڪرايو ويو. هائي رام جي سنپال جو ڪم ڀڳت ڌنا رام جي حوالي ڪيو ويو جو ڌنا رام

(گنگا جي لهرن جو آواز. گڏوگڏ
"اوم اوم اوم" جي مڌر ڌوني.
ڪجهه وقت بعد "اوم" جي ڌوني بند
ٿئي ٿي. لهرن جو آواز اڃا چالو آهي.
ان آواز جي وچ ۾ مڌر آواز گونجيٿو)

رام : شانتي، هڪ نديءَ وانگر مون ڏانهن
وهندي ٿي اچي. شانتي، هڪ ساگر
وانگر منهنجي اندر ۾ لهرائي ٿي.
شانتي، ماتا گنگا وانگر وڌندي ٿي اچي.
او جيون جا امرت!
او مڌر مَدِرا!
منهنجي شرير ۽ من جي پور پور کي
ڀرڻ لاءِ !!!

آواز : تيرٿ رام گوسواميءَ جو جنم اولهه
پنجاب جي گجرات واري ضلعي جي
مرلي والا ڳوٺ ۾ ٢٢ آڪٽوبر ١٨٧٣ع
۾ ٿيو هو. ٻالڪ جي جمڻ ٿي جيئونش

هيرانند :- پر پرماڻ ڪجهه نه ڄاڻان. توهان نه
وبندين. جي وبندين ته توکي پنهنجيءَ
زال کي پارٽ چالٽو پوندو. سمجهيئه؟

شوان :- پيءُ وڃان نراش ٿي. ڏکي نوجوان رام
تيرٿ پنهنجي مامي ڊاڪٽر رگهوناٿمل
ڏانهن ويو. جنهن سندس سڀئي خرچ
جي جوابداري پاڻ تي کنئين ۽ ان طرح
هو لاهور جي فورمين ڪرسچين ڪاليج
۾ داخل ٿيو. جنهن ڪمري ۾ هو رهندو
هو ان ۾ ڪيترن ئي نانگن بلائن جو واسو
هو. پر رام تيرٿ جو آتم وشواس
ڊپ جهڙين خسيس ڀاوڻائن کان
گهڻو گهڻو مٿي هو. سادو جيون، سادو
کاڌو ۽ ڪتاب هن جي سڀاءَ جا انگ هئا.
هڪ خط ۾ هن مامي ڏانهن لکيو.

رام : منهنجي وڏي ۾ وڏي گهرج آهي.
اڀياس لاءِ هڪ شانت استان، منهنجي

ڪم ڪندو هو ۽ ڪشتيون لڙندي وهو.
ڏهين سالين جي عمر ۾ رام جي
شادي ڪرائي وئي، ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ...

رام: پتاجي، پتاجي... مان مئٽرڪ ۾
پاس ٿي ويس.

هيرانند: شاباس پٽ....

رام: پتاجي..... پتاجي....

هيرانند: چئو، چئو... ڇا ٿو چوڻ چاهين؟

رام: پتاجي، مان هاڻي ڪاليج پڙهڻ لاءِ
لاهور وڃڻ ٿو چاهيان...

هيرانند: (غصي ۾) لاهور وڃڻ ٿو چاهين؟
ڪاليج پڙهڻ ٿو چاهين؟ منهنجي
سڄي جمع - پونجي چٽ ڪرڻ
ٿو چاهين؟ نه - هرگز نه - مان اِها
بيوقوفيءَ واري ڳالهه هرگز قبول نه
ڪندس.

رام: پر، پتاجي...

دوست: رام، توکي ڪوئي به ڪتاب خريد ڪرڻ
جي ضرورت ڪونه آهي.

You can use our books.

رام: Thanks

جهنڊومل: مسٽر رام. مون کي سڃاڻين؟ مان آهيان
جهنڊومل هوسٽل جو فوڊ ڪانٽريڪٽر.
توکي هڪ پئسي خرچڻ جي به ضرورت
ڪونه آهي. هميشه مون سان گڏ روٽي
کائجانءِ.

(گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ جو آواز.)

آواز: رام تيرٿ F.A. جي امتحان ۾ سڄيءَ
يونيورسٽيءَ ۾ پهريون نمبر آيو ۽ کيس
اسڪالرشپ ملي. رام مئٿميٽڪس
جو پوڄاري هو ۽ حسابن جي ڳڻتي
پنهنجو ڌرم سمجهندو هو. هڪ ڏينهن
پرنسيپال کيس گهرائي چيو:

پرنسيپال: مسٽر رام. جيئن تہ اسانجو مئٿميٽڪس

وڏي پر وڏي طلب آهي وقت.
هي پرماتما! مونکي تن شين کان ڪڏهن
به محروم نه ڪجان ۽:. هڪ: ايڪانت.
ٻيون: وقت. ٽيون: گيان پراپتيءَ لاءِ
هڪ اتوت پياس!

آواز: ۽ هڪ ڏينهن ڪاليج جي پرنسپال
رام تيرٿ کي پاڻ وٽ سڏايو.

پرنسپال: رام. مون ٻڌو آهي ته تون صحت لاءِ
سخت نقصانڪار جڳهه پر رهيو پيو
آهين. اهي حالتون نه فقط تنهنجي
صحت لاءِ خراب آهن. بلڪ پڙهائي
لاءِ به نقصانڪار آهن. هڪدم ڪاليج
جي هاسٽل پر شفٽ ڪري اچ.

Forthwith!

رام: Thank you Sir

(ٻاهر وينڊز رام تيرٿ جي قدمن
جو آواز.)

هئڻ. ان لاءِ توکي ناپاس ڪيو ويو.

This system is absurd. There has to be some formal powers of condonation in such extraordinary circumstances.

اڙي، مان نه ڀلجي ويس، جنهن ڪم لاءِ توکي گهرايو هوم. هڪ گمنام داني پرش تنهنجي لاءِ <u>٣ له</u> روپيه موڪليا آهن.

رام: سر، مهرباني ڪري ان رقم مان اڌ پئسا ڪاليج لاءِ ڪم آڻيو.

پرنسيپال: نه، مان ائين نه ٿو ڪري سگهان.

رام: ته پوءِ سر، توهان اها سڄي رقم پروفيسر گلبرٽسن کي ڏيئي ڇڏيو جو ته هو صاحب منهنجي اڌ ڪاليج في هميشه ڀريندو رهيو آهي.

پرنسيپال: I am sorry, that too can not be done

چڱو. مسٽر رام اهو ته ٻڌاءِ تون زندگيءَ

جو پروفيسر بيمار ٿي پيو آهي. ڇا توهان
هڪ ڪلاڪ روزانو ليڪچر وٺڻ لاءِ
تيار آهيو ؟

رام : سر، اِها ته منهنجي وڏي پروڏي
عزت افزائي آهي.

(گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ جو آواز)

پرنسپال :- مسٽر رام، ٻڌايو توهان اڃان B.A. ۾
ناپاس ٿيڻ جو ڏک ڇا ڪيو آهي

رام : يس سر، اِها منهنجي وڏي پروڏي
بدنصيبي آهي.

پرنسپال : نه، منهنجي بدنصيبي ڪونه آهي.
اِها امتحاني سرشتي جي حيوانيت آهي.
دشتنا آهي. مسٽر رام. ڪهڙي نه ڏک
جي ڳالهه آهي. اِها جو توهان ٽوٽل مارڪن
جي لحاظ کان سڄي يونيورسٽيءَ ۾
B.A. ۾ پهريون نمبر آيئن. پر جو نه
انگريزي وشيه ۾ ڪجهه ٿي مارڪون گهٽ

يونيورسٽيءَ ۾ داخل وقت انگلنڊ ۾ جيڪو
ننھنجو خرچ ايندو ان جو بندوبست مان
ڪيئن به ڪري ڪندس.

Don't worry about finance. I will
take care of that.

رام: سر، توهان جا بيحد شڪريا. پر سر،
ڪنهن ٻئي ملڪ ڏانهن وڃڻ جي
منهنجي بلڪل چاهنا ڪونه آهي، پر
هر حالت ۾ توهان جي ڪيل مدد ۽ ڏنل
پيار ۽ سڪ لاءِ مان جيون ڀر توهان جو
شڪرگذار رهندس.

(لهرن ۽ چولين جو آواز)

آواز: رام تيرٿ گورنمينٽ ڪاليج لاهور مان
مئٿميٽڪس ۾ M.A. ڊسٽنڪشن سان
پاس ڪئي.

"Impartance of Mathematics" ۾ هن May ١٨٩٥

۾ ڪرڻ چا ٿو چاهين؟

رام: سر، منهنجي اِها ئي اِڇا آهي ته مان سچو جيون، هڪ ساهه پرماتما جي سيوا ۾ آرڏنا ۾ گذاريان. مان پرماتما جي آرڏنا ۾ سيوا انسان ذات جي سيوا جي رستي ڪرڻ ٿو چاهيان. ۽ سر، مون لاءِ انسان - ذات جي سيوا جو مطلب آهي انهن کي، عام ماڻهن کي مئٿميٽڪس سيکارڻ.

(گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ جو آواز)

پرنسيپال: Congratulations Mr. Ram.

توں B.A جي امتحان ۾ سڄي پرانت ۾ پهريون نمبر آيو آهين!

رام: Thanks; O God!

پرنسيپال: مسٽر رام، مئٿميٽڪس ڏانهن تنهنجو ايترو چاهه ڏسندي مان چاهيان ٿو ته توں وڌيڪ اڀياس لاءِ ڪئمبرج

By mathematics we discover the universal
laws of nature written with the
inerasible inks on the faces of substances
by the unerring finger of the Almighty.

(لهرن ۽ ڇولين جو زوردار آواز)

آواز: هر سال وئڪيشن ۾ رام موڪلن جا
ڏينهن مٿرا يا برنداون يا هردوار يا
رشيڪيش يا بدريناٿ ۾ گذاريندو هو.
هڪ دفعي ڪيس راوي نديءَ جي ڪناري
تي بيهي بادلن سان ڳالهائيندو ڏٺو ويو.

رام: او منهنجا بادل پيارا! جي وڃي رهيا
آهيو ته پلي وڃو پر پهچايو وڃي
منهنجو هي نياپو ڪرشن ڏانهن ته:
او منهنجا ڪرشن! اچ ۽ اچي ڏس.
ته ڪيئن ٿا وسن منهنجا نيڻ!!
او منهنجا جيون!

ڇالاءِ هڪ ڪتاب ڇپايو جنهن جي هڪ
ڪاپي به باقي نه بچي!
سالگرهه ٿي سال هو پنهنجي شروعاتي
ڪاليج فورمئن ڪرسچئن ڪاليج ۾
مئٿميٽڪس جو پروفيسر ڪري رکيو ويو.
رام: منهنجا پيارا وديارٿيو. مئٿميٽڪس
هڪ مهاساگر وانگر آهي. سطح تي
بيحد دهشت انگيز، خطرناڪ ۽ روح
کي ڪنبائيندڙ! پر ان جي تري ۾ آهي
املهه ۽ ناياب موتي پريا پيا آهن.
جن جي چمڪ جنهن جنهن جي اکيان
جا اونڌڪار دور ڪري سگهي ٿي.
اگياني ۽ وچار هين ماڻهن کي
مئٿميٽڪس سورج جي پرڪاش
وانگر بيرنگ لڳي ٿي. جيتوڻيڪ
حقيقت ۾ اها انهن سڀني جي رنگن مان
جڙيل آهي!

ان ڪري رام کين واپس موڪلي ڇڏيو!
رام پوءِ سوامي رام آشرم جي جوشنش
ٿيڻ چاهيو. پرهن کيس قبول نه ڪيو. ان
تي رام پنهنجا وار چاڙ ڪٽي ڦٽا ڪيا
۽ پاڻ کي سنياسي گهوشت ڪيو:

رام: هاڻي مان آهيان هڪ سنياسي ۽ مان
پنهنجو پاڻ تي نالو ٿو رکان رام تيرٿ!
هاڻي رام تيرٿ سنسار کان دور غفائن
۾ نواس ڪندو! ۽ هماليه پربت جي
اونچاين کي ماپيندو!

(گهنٽن سان گڏ اوم اوم جي ڌوني)

جئه جمنوتري، رام تيرٿ جو پرڻام سويڪار ڪجي!
جئه گنگوتري،
جئه ترجگي نارائڻ،
جئه ڪيدارناٿ،
جئه بدري نارائڻ،
نارائڻ! لالا تلا رام! هاڻي آسان

يا منهنجي پياس بجهاءِ.
يا موت جو دوت موڪل!
(لهرن جو آواز لڳاتار هلندو ٿو رهي.)

آواز: رام محسوس ڪيو ته سندس گيان جي پياس ۾ پروفيسري رنڊڪ آهي ان ڪري هن تياڳ پتر ڏنو. ۽ پاڻ کي ڪجهه هلڪو محسوس ڪيو.

هيلتائين رام تي بنگال جي شري چيتنيه گؤرنگ مهاپرڀو جو اثر هو. پر سوامي وويڪانند جي سنگ ۾ اچڻ سان سندس لاڙو اپنشدن ۾ ورڻن ڪيل ادويتواد ڏانهن ٿيو.

پروفيسري ڇڏڻ کان پوءِ رام پنهنجي زال ۽ ٻن ٻارن سان گڏ هماليه جي پاسي وڃي ايڪانت ۾ رهڻ چاهيو. جيئن ته سندس ڌرم پتني ۽ ٻار اُتان جون تڪليفون نه سهي سگهيا

جي وگيان ۾ فلاسافيءَ جي پرڪاش سان
چمڪائڻ ۾ تڪو ڪرڻو آهي.

آواز: جپان مان سوامي جي آمريڪا ويو.

رام: رام توهان سان هڪ هندو، هڪ هندستاني
ياڪنهن خاص قوم جي فرد جي حيثيت
۾ ڪون ڳالهائي رهيو آهي. رام سڀ ته ئي
بيٺو آهي. رام سڀ آهي. رام جو جسم،
رام جو شريرُ ڀارت جي اوچ ۾ اوچ ڪل
۾ ونش سان واسطو ته رکي پر رام توهان
سان دنيا جي تمام دلت ۾ ڪچليل جاتين
جو عيوضي ٿي ڪري ڳالهائي رهيو آهي.
سڀ ۾ انصاف جي ناليءَ ۾ ڀارت جي
دکي انسان جي حالت ڏانهن به ڪجهه
ڌيان ڏيو.

آواز: آمريڪا مان ڀارت ڏانهن ايندي وات
تي سوامي رام تيرٿ ڪيترن ۾ چار سڀ
زبان ۾ ڀاشڻ ڪيو.

سُميرو پربت جي چوٽين جو سڏ
ڪندا سين!

آواز: ١٩٠١ ۾ جڏهن سوامي رام تيرٿ واپس
وريو ته ٽوڪيو ۾ دنيا جي سڀني مکيه
ڌرمن جي پارليامينٽ ٿيڻ رهي هئي.
ٽيهري جي مهاراجا سوامي رام تيرٿ ۽
سوامي نارائڻ جي ٽوڪيو جاترا جو
پورو پورو بندوبست ڪيو. اُتي ڪاليج
آف ڪامرس ۾ ڪاميابيءَ جو راز وشيه
تي ڀاشڻ ڪندي سوامي رام چيو:

رام: اڄ جيڪو ڌرم رام توهان جي اڳيان
ڪٿي آيو آهي اُهو سڀ ڄاڻيو ٿي ڌرم صديون
اڳ گوتم ٻڌ جا سنياسي جيئان ۾ ڪٿي
آيا هئا. ڌرم برابر سڀ ڄاڻيو آهي پر اڄ
ان کي هڪ نئين ڪنڌ ڪان ڏسڻو پوندو
جيئن اهو اڄ جي يگ جي گهرجن سان
لڳندڙ ٿي اچي. ان لاءِ پراچين ڌرم کي اوله

لوڏ بندي لوڏ بندي ڪيڏانهن وني وڃي
رهجي آهين رام ڪٿي ؟

(لهرن جو وڏيڪ آواز)

ماتا، هاڻي مان اُتي آهيان جتي
انساني مدد جي نه پهچ آهي ۽
نه ضرورت.

(زوردار لهرون)

رام: ماتا، جي تنهنجي اِها ئي اڇا آهي
ته اِئين ئي ٿئي!
اوم - اوم - اوم.

(لهرن جو زوردار وهڪرو)

آواز: الوداع ! الوداع !
سورج اسٽ ٿي چڪو آهي،
دور، دور، پهچي چڪو آهي رام،
نه وسار جو هن سنهري پرڪاش کي!

رام: (جبل غفا مان ايندڙ آواز)
مان مري نه ٿو سگهان، جيئو ٽڪ

۽ پوءِ شروع ٿئي ويو ڀاترائن جو سلسلو.
قدرتي نظارن سواميءَ جي هردي کي
ڇهو تاميه بڻائي ڇڏيو.

سنه ١٩٠٦ ۾ هڪ ڏينهن:

(لهرن جو آواز)

رام: گنگا ماتا ڪيئن نه گنڀير روپ ۾ وهي
رهي آهي! هڪ هڪ لهر جڻ هٿ
وڌائي مون کي سڏي رهي آهي!

(لهرن جو زوردار آهن)

رام: بس بس! مان اچان ٿو!
مان توهان جو سڏ ٻڌي چڪو آهيان!
توهان جو سڏ منهنجي آتما کي ڌوڏي
چڪو آهي! مان اچان ٿو. اچان ٿو.
اچان ٿو.

(نديءَ ۾ ٽپو ڏيڻ جو آواز لهرن
جو زوردار شور)

واه ماتا گنگا! لهرن جي هندورن ۾

(٣) پکڻيءَ جي شڪتي

رتناوتي : (راڻي)
راڄا : (ساهتري)

(مڌر پکڻيءَ پريو سنگيت. بنسيءَ
جي سُرن جون مڌر لهرون وايومنڊل
۾ لهرائجي رهيون آهن)

راڄا : مڌ- سوُدن! توسان جنهن به نينهن
لڳايو آ،
تنهن تنهنجي لوڪن ۾ پنهنجو مانُ وڌايو آ،

گيت: ڌنيه ڌنيه گوپين جو پيار!
تياڳي پنهنجو ڪُلُ - گهرُ - پار،
لوڪ - لاڄ، آچارُ - وچارُ،
ديوانيون ٿيون شيام سندر جون،
ڌنيه ڌنيه گوپين جو پيارُ.

(١) موهن لئه مڇليءَ جيان تڙڦن،

موٽتا منهنجي جسم جي ارد گرد
چار اُٿندو ٿو رهي!
مان ڪڏهن چاهُو ٿي ڪوڻ هوس،
ته به منهنجي سواسن جا جسم
اوتراٿي آهن.
جيتريون لهرون اننت، ساگر جي!!
(اوم اوم اوم جي ڌوني)

ٿيندا ھڪُ ھي پراڻ ۽ مرسان،
ملنديءَ راڌا پنھنجي شيام سان،
جنم جنم جا ڪٽبا ڦيرا،
لوڀ موھ جا ٽٽندا گھيرا،
وڃڻ وڪلپي ھڪٻئي جو ڏوار،
ڏنيه ڏنيه — — — —

نا : تنھنجو پريم به ته ڏنيه آھي. راڌا،
ھي ڏنيه آھين تون! واھ! ڪيتري نه
سکدائي آھي پريم جي پيڙا ۾ ته
آنند آھي ان درد ۾! پر ڪيئن تون ٿي
اھو سھين؟ ڪيئن ٿي ٿئي شرير
جي اھڙي حالت؟ ڪرشڻ جي مورتي
سامھون آھي. من پريل آ، شرير
ڪنبي رھيو آ، اکين مان آنسن جي
ڌارا وھي رھي آ. ته به ڪيڏو نه
آنند ۽ ترپتيءَ جو پرڪاش ڦھليو آھي
چھري تي!

کيس ڪري ارپين تن من ڌن،
بنسيءَ جي ڌُنِ ڪَنِ پوندي ٿي،
هرڪا گوپي اوڏانهن وئي،
جيڏانهن سندر شيام مُراري
راس ڪندو گوورڌن ڌاري،
نچنديون ٽپنديون کلنديون ڪڏنديون،
پيو - ساگر پيءُ پار ٿي وڃيون،
پريم جي مهما ڪير ٻڌائي،
پريم سچي سرشٽي تو هلائي،
پريم جي وس ۾ ٢ ڪرتار،
ڌنيه ڌنيه ... ...

(٢) مَنَ تون ٿي وڃ من - موهن جو -
چاچا پريم، پوُ چا جو سنسو -
دنيا مان ڪجهه ملڻو ناهي،
گيان جو گل هيٺ کلڻو ناهي،
چرڻ سيام جا شرط شيام جي،
پڙهيه - بانرا - مرڪڻي - ڌام جي،

راڌا: ان ڪان به ڪجهه گهٽ. جنهن پريم ۾
ڪجهه پراپت ڪرڻ جي ڪامنا ڪئي.
ان جڳ پريم نه پر سؤديبازي ڪئي.
واپار ڪيو!

رتنا: آخر اهو پريم آهي ڇا؟ راڌا جنهنجو
ڏينهن رات تون گڻگان ڪندي آهين؟
اهو پريم ٿيندو ڪيئن آهي؟ اهو پريم
ڪيو ڪيئن آهي؟

راڌا: رتنا، تون راڻي آهين. پريم راڻين لاءِ
نه آهي ڀڪارڻ لاءِ آهي. راڻي ٿي ڪري
پريم ڪرڻ هرگز ممڪن ناهي.

رتنا: جي پريم ايترو ٿي رهيلو آهي ته مان
راڻيءَ مان ڀڪارڻ ٿيڻ لاءِ به تيار آهيان.

راڌا: رتنا، هي تون ڇا چئي رهي آهين؟

رتنا: سکي، ڪو وقت اهڙو به ايندو آهي.
جو مٺ سرڳ مان به ڪنو ٿي پوندو آهي.
جي پريم جي پيڙا ايتري ٿي سگهائي

راڌا: اڙي! رتنا ونئي تون هتي ؟

رتنا: (اٿندو ڪندي) راڌا، تون مندرن جو اوتار آهين. تون نه سچ پچ برج ڀومي واري راڌا آهين.

راڌا: ڏي مندرن سان منهنجي ڀيٽ نه ڪر رتنا! هو ڪرشڻ پر سمايل هيون. هو ڪرشڻ-مئه هيون. مون نه اڃا ياترا به شروع ڪون ڪئي آهي!

رتنا: تو اڃا ياترا به شروع ڪون ڪئي آهي؟ ڇا آهي مطلب ان جو؟

راڌا: پريم جو مارگ ايترو سولو ناهي سگهي! تلوار جي نوڪ تي سوار ٿي اگني جو ساگر پار ڪرڻو آهي! رتنا، پريم ڪنهن شئي جي ملڻ جو نه پر سڀ ڪجهه ڏيڻ جو، ارپڻ ڪرڻ جو نالو آهي.

رتنا: سڀ ڪجهه ارپڻ ڪرڻ جو؟

رتنا: اوہ! تہ جہ پڌاءِ. منھنجا ڪڏ ان پريم
جي مهما پڌرڪ لاءِ وياڪل آهن.

راڌا: منزل تي تہ الؤڪڪ ۾ اڪني آنند
آهي. پر پهچڻ جا ڪشٽ سهڻ لاءِ
هزار جنمن جون سهڻ. شڪتيون ڪپن!
ڏينهن رات وهن ٿا نيڻ بادلن جيان.
جلندي رهي ٿي دل داهہ جي ڪوري جيان.
آنسون جلندڙ دل کي شانت نہ ٿا ڪن
ويتر وڌائن ٿا. اُن آگ کي ۾ سڄي
هستي جلي ٿي وڃي. ٿي خاڪ ۾
مبران واڪر دل پولي ٿي. اوجو گيئڙا
او سانورا. هيءَ خاڪ ملي وڃ بدن
تي جيئن مان تنهنجيءَ هستيءَ ۾
سمائجي هڪ ٿي وڃان توسان.

رتنا: راڌا، تنهنجين انهن ڳالهين نہ مونکي
ويتر ديوانو ڪري ڇڏيو آهي. مون
کي پڌاءِ نہ ڇا ڏنو آهي تہ هن سانوري

آهي، نه مان اُن تي سو ٻن سکه قربان
ڪري سگهان ٿي.

راڌا: پنهنجن هٿن سان ٿي ديپڪ ٻاري
او سکي رتنا! ڇو ٿي اڄ پر پاڻ کي
پتنگ جيان جلائڻ چاهين؟

رتنا: راڌا سچ پڇين نه تنهنجي پريم جي
پاڳلپڻ مونکي به ديوانو ڪري ڇڏيو آهي.
مان به هلڻ ٿي چاهيان اُن رستي تان
جنهن کي تون ڪڏهن پريم نه ڪڏهن ڀڳتي
ٿي چوين! ٻڌاءِ سکي راڌا! پريم ڇا
ٿيندو آهي؟ ڪيئن مليو توکي اِهو رستو؟

راڌا: راڻي جي! نه پڇ مون کان اِها ڳالهه!
تون راج-محل جي سکن کي ڀوڳي-
دکن کي لوڻو ڏيئي گهرائڻ ڪاشني
ڳالهه ڪوڙ آهي. ڪنهن سان پريل
آهي پريم جو مارگ- پريم جي رنگ
جو ڏالو به ڪوڙ هلندءِ.

رتنا: ڇ ڪيئن پڇجي راس ٿيندو پريم ؟
راڌا: پڇن. ڪبير تن سان، سنت سماگم سان!
پڇتل ساڌن مهاتمائن جي منهن مان
گيان ۽ اُپديش جا امولڪ وچن ٻڌڻ سان!
رتنا: نه مان اِئين ڪندي ئيس.
راڌا: مهاراڻي، تون لوڪ - لاج ڪري ڏيا ڳي سنتن
مهاتمائن جي سامهون ويندين ؟
رتنا: ڪهڙو اپراڌ آهي ان ۾ ؟
راڌا: تون راج - راڻي آهين.
رتنا: نه پوءِ ڇا ٿيو ؟
راڌا: لوڪ ٻوڪ آهي. ڪوئي ڪجهه چوندو
ڪوئي ڪجهه چوندو.
رتنا: مون کي پرواهه ناهي.
راڌا: هڪ مهاراڻيءَ کي لوڪ جي پرواهه
ڪرڻي ئي پوي ٿي.
رتنا: جڳو ٻڌاءِ سکي. منهنجي من نينهي
اڳن مان ڪهڙو انگ مهاراڻي آهي. جنهن

ڪرشڻ ڪنهنجي پر ؟ڇو نٿي وٺي آهين
اهڙي ديواني هن مرليڌر جي ؟
نه ٻڌائيندين، نه اها اُلٽ-ترڻ مونکي
ماري ڇڏيندي. سکي رادا، ڪوئي
حيلوهلاءِ مونکي ماريءِ جو درشن ڪرائي.
چتچور ائين من ۾ سمايو آ جو هن بنان
جيئڻ به اُجايو آهي.

رادا: مهاراڻي، درشن جي نه ڳالهه ڇڏ.
جيڪي راج-پاٽ تياڳي ڏور ۾ ليٽيو
پائيندا آهن. اُهي به هن جو درشن ڪري
نه سگهندا آهن. ڪرشڻ نه بس پريم
ڏور سان ئي ڇڪجي ايندو آهي.
پريوءَ جي اکيان هڪ پريم ئي سڦلو
ٿيندو آهي.

رتنا: ءِ اهو پريم پريوءَ جي اکيان ڪيئن
سڦلو ٿيندو ؟

رادا: جڏهن پنهنجي راس ٿي ويندو.

راڌا: رتناوتي. غضب ٿي ويو.
رتنا: ڇا ٿيو؟
راڌا: توهان جي پتي مهاراجا ماڌو سنگهه جا
ڪنهن ڪن ڀريا آهن.
رتنا: اڇا، پوءِ؟
راڌا: ماڌو سنگهه توهان تي ڏاڍو غصي ٿيو آهي.
رتنا: سڀاويڪ آهي، پر راڌا، مان سمجهي
ڳالهه پڌرٽ چاهيندس.
راڌا: ٺيڪ آهي، توهان کي ياد هوندو اهو
ڏينهن جڏهن توهان پهريون دفعو هڪ
پر پرش جي سامهون منهن اگهاڙي
ويٺا ها.
رتنا: پر پرش نه چؤ پگلي! پريو پريم جو
ديوانو مهاتما چؤ.
راڌا: اگياني سنساري منشين لاءِ سنت ۽
مهاتمائون به پر پرش ٿي ٿيندا آهن.
رتنا: مورک ۽ سنسار.

ڪري مونکي ستسنگ جي مها سک
ڪان پري رهڻو پوندو ؟

راڌا: ڪوئي به نه - (ڪجهه ترسي) هن نگر
۾ هڪ پهتل مهاتما پڌاريو آهي. هو
سڀني کي ڀڳوان جي پريم ۾ سدائين
جهومندو ٿو رهي.

رتنا: مان به اُن جهومندڙ مهاتما جو درشن
ڪندس. مان به ڪرشڻ جي پريم ۾ ديواني
ٿي، جهومي جهومي چتچور کي
ريجهائيندي پيس. (گنگنائي ٿي)

سنتن سنگ بئٺ لوڪلاج کوئي.
اب تو بات ڦئل گئي، جاني هرڪوئي.
سنتن سنگ بئٺ لوڪلاج کوئي.

راڌا: جي اِئين آهي ته دير ڇا جي؟ اڄ ئي
هلون ٿا ستسنگ ڪرڻ، مهاتما جو
درشن ڪرڻ!

(سنگيت - ڪجهه وقت جي گذرڻ جو گُمان)

۽ پريم جي ان پد تي وڃي پهتا آهيون. جتي
لوڪ-لاج نه ڇا پر سڄو سنسار به ڪائي معني
نه ٿو رکي. پر ذرا سوچيو انهن اگياني
منشين لاءِ جيڪي اوندهه ۾ ٿاڦوڙا پيا
ٿا هڻن. لوڪ-لاج جو سهارو جه انهن
اگيانين کان کسجي ويو ته هو پاڻ کي
اونداهيءَ ڪُنڊ ۾ ڦاسيءَ تي لٽڪيل
محسوس ڪندا.

رتنا: واهه! جواب ناهي توهانجيءَ ڪلپنا جو.

راڌا: پر ياد رکجو، توهان جي دشمن جي ڪروڌ
جي به ڪا حد ڪونه آهي.

رتنا: ٺيڪ آهي. پر ٻڌاءِ ته سهي پوءِ منهنجي
پتي- ديو ڇا ڪيو؟

راڌا: پهريون غصو پنهنجي پٽ راجڪمار
پريمسنگهه تي ڇنڊ ڇاڻين ۾ ڏاڍي نفرت
مان ڪيس "ساڙيءَ جو پٽ" سڏيائين.

رتنا: اڇا، پوءِ

راڌا: انهن اندن جي اکيان جي خود ڀڳوان جه
پرگهٽ ٿئي ته جه ڪيس پر پرش سمجهي
عورتن کي پردي ۾ لڪائي ڇڏن.

رتنا: بلڪل ٺيڪ.

راڌا: توهان کي نه خبر آهي. ڪافي وقت کان
مهاراجا مادوسنگهه دهليءَ ۾ رهيل آهي.
توهان جي دشمن اُنهي وچ سندس
ڪنن ۾ زهر گهوليو ۽ توهان تي الٽا سلٽا
الزام لڳايا.

رتنا: ۽ منهنجو پنهنجي غصي ۾ لال ٿي ويو هوندو.

راڌا: لال نه پر لوهه چٽولوهه! چون ٿا وس
پهچيس ها ته اُتان ئي سدرشن ڦٽو ڪري
توهان جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏي ها.

رتنا: (کلندي) پر افسوس جو سدرشن
منهنجي پياري چتچور ڪرشڻ ڪنهئيي
وٽ ئي هوندو آهي.

راڌا: توهان لاءِ مذاق آهي جو نه توهان کيان

رتنا: پرواهه ناهي.
جا ڪو راکي سائيان، مار نه سگهي ڪوءِ!
وارُ نه ونگا ڪر سگهي. جو جڳ ٻئري هوءِ!!

راڌا: سچ آهي. تڙمانس جه وڏائيءَ ناهي ان ۾. پر
هڪ ٻي خبر جه آهي.

رتنا: ڪهڙي؟

راڌا: مهاراجا ماڌوسنگهه دهليءَ مان رانو ٿي
ڇڪو آهي ۽ جلد ئي هتي پهچڻ وارو آهي.

رتنا: ڀلي اچي. مونکي ڪوئي پوءِ- ڊپ ڪون آهي.
منهنجو ست سنگ جاري رهندو هري.
ڪيرتن ڪندي رهنديس، ساڌن سنتن ۽ مهاتمائن
سان ملندي رهنديس. جڏهن سڀئي ماڌو
سان من ملي ويو ته ماڌوسنگهه ڀي ڪير ٿو
پرواهه ڪري. رشتن ناتن جو سنبنڌ شرير
سان آهي. آتما انهن بندنن کان مڪت
آهي.

راڌا: ان ۾ ته ڪوئي شڪ ڪونهي. سڀئي رچنائن

راڌا: راجڪمار ٿيي ان جو الٽو اثر ٿيو ۽ مون
پيءُ جي انهن نفرت ڀريل لفظن کي
آشيرواد سمجهڻ لڳو ۽ پاڻ کي سچ پچ
’ساڌُو‘ ٿيءُ جو پت ”ثابت ڪرڻ ۾ لڳي ويو.
رتنا: (گد گد ٿي) ڌنيه آهين پت پريم. ڌنيه
آهين. شل سدائين پريوءُ جي پريم ۾
رنگيو رهين.
راڌا: پر پيءُ کي، مهاراجا کي اها ڳالهه ڪون وڻي
۽ راجڪمار جي جان جو دشمن ٿي پيو.
رتنا: (هانءُ ڪو پري) هي پريو. اگيانين ٿي
دیا ڪ ڀان ۽.
راڌا: منترين ۽ ڪن منترن جي سمجهائڻ تي
مهاراجا مس مس شانت ٿيو.
رتنا: شڪر ٿيو.
راڌا: پر ڪروڌ ۽ نفرت جي آگ هن جي اندر
۾ اجا به جلي رهي آهي. مهاراجا اجا به
لوهان جي جان جو دشمن آهي.

सेस, महेस, गनेस, दिनेस, सुरेसहु जाहि निरंतर गावैं।
जाहि अनादि, अनंत, अखंड, अछेद, अभेद, सुवेद बतावैं॥
नारद से, सुक, व्यास रटैं, पचि हारे तऊ पुनि पार न पावैं।
ताहि अहीर की छोहरियाँ, छछिया-भरि छाछ पै नाच नचावैं।

رتنا: واهه واهه!

ताहि अहीर की ... ... नचावैं।
(سنگيت : ڪجهه وقت گذرڻ جو آڀاس)

رتنا: (گڙ گڙ آواز تي) پيٽ رکجان سدائين منهنجي. مکڻ - چور، چت - چور، من کان مور دز دور ٿجان ۽ تون، او منهنجا سر-مور
(گهنڊڻي جي وڄڻ جو آواز)

راڌا: (اوچتو اچي، سهڪندي) رتنا، رتنا.

رتنا: (ڏبرج، سان) ڇا آهي راڌا

راڌا: جلدي ڪر، پاڻ بچاءِ.

رتنا: ڇا آهي؟ ڇا کان پاڻ بچايان؟ ڇا ٿيو آهي؟

راڌا: وڌيڪ ڪجهه ٻڌائڻ جو وقت ڪونه آهي. توکي مارڻ لاءِ مهاراجا ڪيڪ بکيو شينهن

اِستري آهي ۽ پرنتش فقط هڪ ئي آهي.
پرماتما.

رتنا: اڳيان وچان جنهن مادو سنگهه ڪيئي لوڪ
منهنجو پتي تو سمجهي اهو به نه پرماتما
جيئي هڪ استري آهي.

راڌا: ڏيڻ آهين رتنا. هڪ ئي جملي ۾ چيئي
ويدن ۽ ڇهني شاسترن جو ڳيان پري
ڇڏيو اٿيئي.

رتنا: راڌا، منهنجي پرم- پياري سکي راڌا. تو
ئي نه هڪ ڏينهن چيو هو نه جنهن پرماتما
ڪيئي چار ويد، ڇهه شاستر انيڪ اپنشد
۽ پراڻ پاڻ ۾ اسقل ويا، اهو ئي پرماتما
پريم جي وس ٿي اڻپڙهيل ۽ گنوار
گوپ- گوپين جي اِشارن تي پيو ٿو نچي!

راڌا: چڱو رتنا، بس رهه. مورتي کي ڪرشن
پڪشن رهه. ڪان جو هڪ سوئيو:

گوپال ڪهڙا تو رنگ نه ڏيکاريئي.

(شبنم جي گرجنا)

رتنا: سواگتم، سواگتم، سواگتم !!!
مون اپل جا پل، مون ٻيوس جا وس، مون
نرڌن جا ڌن، سواگتم !! مون نرڌن جي گهر
آپاڻ پڌاريو سوامي، چوءِ نه خوشيءَ ۾ چاڙ
وڇائي ڇڏيان راهه ۾ ! اکين ۾ آهن پريم
جا آنسون، ڌوئيندس لوهان جا چرڻ انهن سان!
انگ انگ مان جهڻ جهڻ جا سُر ٿا نڪرن.
منهنجي هستيءَ ۾ نچي رهي آ.

(مڌر سنگيت - بانسريءَ جا مِٺا سُر)

ڏس رادا ڏس، ڪر درشن نر-سنگهه روپ ۾-
سدرشن ڌاريءَ جو ! ڏس، ڏس. آهي نه
منهنجو چتچور ڪرشڻ ڪنهيو- آهي نه
هٿين جو همراهه مدن-موهن-گوپال.

(بانسريءَ جا الوڪڪ سُر گونجن ٿا)

ڏس رادا، ڏس پنهنجين اکين سان.
ڪيئن ٿو گوپين ۽ گوالن سان راس رمي

محل پر ڪليو چڙهيو آهي.

رتنا: بس، رادا. ڳالهه به ايتري!

رادا: ڇا اها ڪائي ڳالهه ئي ڪونه آهي.

رتنا: مون لاءِ ڪجهه به ڪونه آهي.

رادا: پاڳل ٿي وئي آهين رتنا؟

رتنا: هائو. مان پاڳل ٿي وئي آهيان. پنڌرهن ڏينهن
منهنجو ڇنڇور ڪري ڇڏيو. ڇا مون وٽ
شينهن جي روپ ۾ اچڻ تو چاهي ته ڇا مان
خوشيءَ ۾ پاڳل نه ٿي وڃان؟

رادا: رتنا، ڪجهه ڳالهه سمجهه. جيئو شينهن آيو
هو آيو. (شينهن جي گرجنا)

رتنا: جيئو شينهن نه جيءُ. جيءُ منهنجي پراڻن جو
آڌار گرڌر گوپال نرسنگهه اوتار ٿي
مون وٽ اچي رهيو آهي. رادا، مان آهيان
به ته پرهلاد وانگر مسڪين ۽ بيوس ۽ معصوم
(شينهن جي گرجنا)

رادا: رتنا.

رتنا: ڊڄ نه، اِنهي ٿي بيهي ڏس ته منهنجو گرڌر

رتنا: مون کي نه. پر شري نندلال جيءَ کي
پرڻام ٿا ڪن.

راڌا: مهاراج چون ٿا، هڪ دفعو اک کڻي هنن
ڏانهن به نه نهاريو.

رتنا: مهاراج کي چئو ته مان ڇا ڪريان، هي
اکيون موهن کان هٽن ٿي ڪونه ٿيون.
مان مجبور آهيان.

راڌا: مهاراج چون ٿا، هي سڄو راڄ-پاٽ.
ڌن-دولت توهانجو آهي، جيئن وڻيو
ڪم آڻيو.

رتنا: ڏينوار، پر منهنجو ته هڪ ئي ڌن آهي
شيام سندر! ٻئي ڪنهن ڌن جي نه
مونکي چاهه آهي ۽ نه ضرورت.

راڌا: رتنا، مهاراج تنهنجي ڀڳتيءَ جي
شڪتي ۽ پريم جي مستي ڏسي
پاڻ به پريم ۾ رنگجي ويا آهن.
چون پيا ٿا. منهنجي پتني هڪڙي

ناچ نچي. نئون، سر ليئر، منهن!

(راس ليلا جو آلاپ ڪرائيندڙ سنگيت)

(شيشن جي گرجنا دور ٿيندي ٿي وڃي)

راڌا: رتنا، هي سڀ ڇا هو؟ سپنو هو يا ساڀيا هئي؟

رتنا: سپنو نه هئو. ساڀيا نه هئي. اهو پريم جو پرڪاش هئو! پرڪرت ۽ ڀڳوان جي وچم ٿيندڙ ليلا هئي، هڪ وارتالاپ هئو!

راڌا: رتنا، تون ڌنيه آهين! اڄ ثابت ٿي ويو. تون هن يگ جي راڌا آهين. ميران آهين! من-موهن نند-نندن جي پياري. تو کي پرڻام. پرڻام، پرڻام!!

رتنا: مان نه شيام جي چرڻن جي داسي آهيان.
هردم هري جي درشن جي پياسي آهيان!
جنهن موهن مرلي، گروڌاري. تو تان مان ٻلهاري!

راڌا: اوه! مهاراج! پرڻام! رتنا، مهاراج پڌاريا آهن!

رتنا: ڪهڙا مهاراج! منهنجا مهاراج نه سدائين مون سان آهن!

راڌا: مهاراج، پرڻام ٿا ڪن.

(۳) تلوار جو پاڻي

پهريدار، گلاب سنگهه، سجن سنگهه
مهاراجا، ڪنور، سوترڌار (آواز)

آواز: ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو سامراجيواد ڀارت ۾ پنهنجون جڙون مضبوط ڪري چڪو هو. پيشوائن، نوابن ۽ نظامن جي شڪتي ٽٽي چڪي هئي. ننڍن ننڍن راجائن تي هراس ڇانيل هو. هاڻوڪي سنڌيا کان ڇهه ميل پري اولهه- اتر ڏي وسيل ننڍڙي رياست "بيروٽا" تي به هراس ۽ ڊپ جي ڇايا پئجي چڪي هئي. ان رياست جو نه-سنتان مهاراج پنهنجو وقت پوڄا پوڄن ۾ گذاري رهيو هو.

اهڙي وقت ۾- هڪ رات، جنهن وقت قلعي جو مکيه دروازو بند هو، پهريدار پهري.

پگهندڙ هنجي. الله تي پرڀوءَ جي ڪرپا
ڪيئن نه ٿيندي! جيئن هڪ ڏئو
سڄي گهر جي اونده دور ٿو
ڪري ٿيئن هڪ پڪس پنهنجي
سڄي ڪُل کي ٺاري ٿو.

لکيل : 23-12-84 کان 31-12-84/
اپرڪاش - اپرسارٿ .

گلاب سنگھ: صرف اچو ڪبي رات لاءِ آسرو گھرجي.
پھريدار: پوءِ ڪيڏانھن ويندؤ ؟
گلاب: لکنؤ....
پھريدار: ڇا جي لاءِ ؟
گلاب: اسان ٻڌو آھي ته اوڌ جي نواب کي
تلوار جي رانديگرن جي سخت ضرورت
آھي.
پھريدار: غلط ٻڌو اٿو جوڌا جي... ڪمپني سرڪار
نواب کي انھن سڀني چيزن کان جدا ڪري،
پورو راج پنھنجي هٿ هيٺ رکيو آهي.
هاڻي هن کي تلوار جي رانديگرن جي نه
پر راڳ - رنگ جي استادن جي ضرورت
آهي.
گلاب: (گھوڙي تان لھندي) اها ڳالھ پوءِ جي
سوچڻ جي آهي. اول ته اسان کي
سهارو گھرجي...
پھريدار: (ڪجھ دير رکي) چڱو. توهين ٻئي
اتي ترسو. مان حڪم وٺي اچان...

سڄاڳ هو نه اوچتو ـ ـ ـ

(گهوڙن جي ٽاپ جو آواز. پهريون
دور کان پوءِ ڏيري ڏيري ويجهو پوي ٿو
اچي ٿو ..... اوچتو گهوڙا رکجي وڃن
ٿا. دري ۾ کلڻ جو آواز.)

پهريدار: ڪير آهي؟

جواب: مان آهيان گلابسنگهه، مون سان گڏ منهنجو
ننڍو ڀاءُ سڄڻ سنگهه آهي ... اسين پرديسي
آهيون. تمام پريان اچي رهيا آهيون ۽
صرف اڄوڪي رات آرام ڪرڻ چاهيون
ٿا.

پهريدار: (عزت سان) ڇا توهان کي خبر ڪونه
آهي نه قلعي جي ڦاٽڪ کي رات جو
کولڻ جي سخت منع آهي؟

سڄڻ سنگهه: (جوش مان) جي خبر هجي ها ته
ڪوشش ئي ڇو ڪريون ها؟... هتي
آس پاس ڪا ڏيي پيتي ۽ آرام - وشرام لاءِ ڪا
جڳهه ئي نظر ڪونه آئي. اڄ صبح کان ....

سجڻ : (غصي ۾) امتحان وٺڻ لاءِ هي ڪو ٺهي
وقت هو؟

پهريدار: (ڌيرج ۽ عزت سان) مان ته حڪم جو غلام
آهيان جوڌا جي. پر صحبت مان ايترو
ضرور ڄاتو اٿم ته تلوار بازي لاءِ ڪوئي
وقت ڪونه ٿيندو آهي.

گلاب : ٺيڪ آهي ... مشعال سڌي ڪر.

پهريدار: مشعال سڌي آهي جوڌا جي ...

سجڻ : دادا توهين ترسو ... انهن معمولي ڪمن
لاءِ مان ئي ڪافي آهيان.

(پالي ڇڪڻ ۽ ديوار ۾ ڪپڙ .. آواز)

پهريدار: اوهه ... پالو بلڪل دريءَ جي پاسي ۾
اچي ڪٿو آهي ... واهه سجڻ سنگهه گهوڙي
جي پٺيءَ تي بيهي. لڙڪندڙ زنجير جي
سهاري مٿي چڙهي رهيو آهي! مشعال
جي پرڪاش ۾ هنن جون اکيون ٽانڊن
وانگر ٻري رهيون آهن. ڏندن ۾ نيزو

(ڪنهن دير خاموشي صرف گهوڙن جي
هڻڪار جو آواز)

سجڻ: دادا، ٻڌجي ٿو، رات هن بيابان ۾ ڪٿي
ڪانٽي پوندي. پل، هي ڪٿو اجا ڪيترو
پري آهي؟

گلاب: اجا ته ٽيهه چاليهه ميل نه ضرور پري هوندو.

سجڻ: خبر نه آهي اجا الائي ڪيترو پريشان ٿيڻو
آهي. ڪمپني سرڪار جو رعب جوان ٻا
پنهنجي بدنصيبي. ڪوئي به انسان جي
تلوار جو ڇاٽي ڏسڻ نه ٿو چاهي.

گلاب: بدنصيبي نه آهي ٿي اها سجڻ... پر
تڪليف ۾ دل لاهڻ نه گهرجي...

سجڻ: اهو، نه ته هين الائي ڪڏهن ڪان ڇوندا آيا
آهيون. (پهريدار واپس اچي ٿو)

پهريدار: مهاراج جو ڇوڪر آهي نه تلوار جي
راند ٻيڪرڻ لاءِ دروازا ڪوليا ڪونه ويندا آهن.
هو خود ڪولبندا آهن.

مهاراج: بهادرون. بيروئا جو هي ننڍڙو قلعو
پليي توهان وين کي توهان جي لائق
عزت نه ڏيئي سگهي. پر تلوار جي پاڻي
کي هي خوب سڃاڻي ٿو. بيروئا جو
مهاراج توهان جي سواگت لاءِ اڳتي
وڌي ٿو. (سنگيت)

مهاراج: گلاب سنگهه جي. ديش جي طاقت ڏسي
ٿي رهيا آهيو... ڪمپني سرڪار گود وٺڻ
جي رسم ختم ڪري ڇڏي آهي. پرمون
ڪنور سنگهه کي گود ورتو آهي. ننڍڙي
رياست هئڻ ڪري اڄ پليي ڪمپني
سرڪار کجهه به نه چوي پر هڪ ڏينهن
هن رياست جي به اهائي حالت
ٿيندي. جيڪا ستارا ۽ جهانسي جي ٿي.
ڪنور کي مان توهان جي سپرد ڪريان ٿو..
۽ توهان کي خبر آهي. هنن لڪل غدارن
۽ ٺڳن مان لنگهندا اسين ۽ پڌائهن

ڊيائي رکيو اٿائين. واهه، پالي ٿي پير
رکي ٻنهي جو ڏاجهي دڙي ٿائين پهچائي
ڇڏيو...

ڏنبه، ڏنبه...

سجڻ: (گرجنا ڪندي) ڪٿي آهي مهاراجا؟
گلاب: (هيٺان) لهي اچ، هاٿي اسين هٿي
آسرو ڪونه ونئا اسين... هلي آ وير!..
مون پانهون ڪولي رکيون آهن..
سجڻ: پهريدار، مان پنهنجو نيزو سڌائيءَ
طور محل ۾ چڙهي ٿو وڃان...
(نيزي اڇلڻ ۽ سرراٽ جو آواز)
اهو نيزو مهاراج کي ياد ڏيار ڏيندو رهندو
ته هن تلوار جو پاڻي ڪونه سڃاتو.
(ٽپي ڏيڻ جو آواز)
گلاب: چڱو، هاٿي هلون، مهاراج جو دڙش
ڪنهن ٻئي دفعي ڪنداسين...
(اوچتو ٺاڪ کلڪ جو زوردار آواز)

گلاب:- مهاراج، هيءَ ڪهڙو طلسم مان ڏسي رهيو آهيان ؟

مهاراج: ديوان جي، عجب پر پوڙهي جي ڳالهه ڪونه آهي. اڄ کان ٻه سال اڳ جيئن لوهان پنهي پائرن قلعي جو دروازو ڪڙڪايو هو، ٺيڪ ان طرح اڄ به ڪوئي زنجير کڙڪائي رهيو آهي... اهو ئي آواز اسان الله تعالانيءَ پر پڌو هئو. مان سمجهي پيو آهيان. وچو لوهين ئي وچي ڏسو ته ڪير آهي ۽ ڇا ٿو چاهي ؟

(سنگيت)

(گهوڙن جي ٽاپ جو آواز)

سجڻ: ڪيئن ڪنور جي ؟ اڄ جي شڪار ۾ مزو آيو ؟

ڪنور: بيحد...

سجڻ: اڙي هي گهوڙو ته ٿي چڙهي ڪير پچندا وڃي رهيا آهن ؟ ته ڇيٽا هيڏانهن به

هلي رهيا آهيون ؟ ...

گلاب: مان اڄ جو ڪجهه ڏسي رهيو آهيان،
ان جي ڪلپنا به مون پڻ سالن پر ڪونه
ڪئي هئي ...

(قدمن جو آواز- دروازن جي کلڻ ۽
بند ٿيڻ جو آواز- پٿرن جي سرڪڻ
جو آواز)

مهاراج: ديوان جي، هي آهي اهو ڪمرو جتي...

(دروازي کلڻ جو آواز)

گلاب:- اوهه...

مهاراج: هي سون، چاندي، هيرن، موتين ۽ جواهرن
جو انبار اسان جي وڏن جي ڪمايل
ملڪيت آهي. مون ڪانسواءِ سيني ان
خزاني کي ڏٺو آهي ... ۽ هاڻي...

(زنجير کڙڪڻ جو آواز)

هلو، جلدي ٻاهر نڪري هلون...

(قدمن جو آواز)

هل هلي آرام ڪر. ڪنهن وقت فرصت ۾
توکي سڀ ڪجهه ٻڌائيندس.

سڄڻ: پر توهان کي فرصت ملندي به سهين؟ اڄ پريو
هفتو ٿي ويو آهي. ڪڏهن پڇيو به اٿوَ:
سڄڻ، شڪار ۾ ڇا ماريئه؟

گلاب: چڱو ڀائي هل. اڄ سڀ ڪجهه ٻڌايانءِ ٿو.

سڄڻ: هاڻي ڪجهه به نه ٻڌائيندس. توهان آخر مون کي
ڇا سمجهيو آهي؟

گلاب: هڪ ڪمبخت ڀاءُ جو ڪم. عقل ۾ تمام ٻهادر
ڀاءُ (زوردار ٽهڪڙو)

سڄڻ: مون کي نه، دادا، ڏاڍو ڏپ ٿي رهيو آهي.

گلاب: ڇا جو ڏپ؟ منهنجي هوندي توکي ڏپ لڳي
رهيو آهي؟

سڄڻ: توهان جي ڳالهه ڪونه آهي، پر جيڪي خبرون
مون تائين پهتيون آهن، انهن کان...

گلاب: ڪهڙيون خبرون؟

سڄڻ: ته ڪمپني سرڪار جو دٻدٻو وڌي رهيو آهي.

اڃا رهيا آهن... ڪنور جي. توهان پلي
قلعي ۾ وڃ. مان اچان ٿو...
(آواز. گهوڙي جي وڃڻ ۽ رهجڻ جو)
اوهه، هي ته دادا آهي...
گلاب: (گهوڙو بهاري- آواز) اڄ شڪار تي
گهٽي: ٻيو ٻيائي ڇڏيئه. ڪنور ڪٿي آهي؟
سجڻ: اندر ويو آهي... هو به گهوڙسوار
ڪير هئا. جيڪي جهنگل ڏانهن پڇندا
ٿي ويا؟
گلاب:- اسان جا شيچنتڪ هئا.
سجڻ: شيچنتڪ؟ ۽ مون سان ملڻ کانسواءِ
ئي هليا ويا؟... چڱو دادا اهو ته ٻڌايو
هو مهاراج جا شيچنتڪ هئا يا...؟
گلاب: پنهنجا ۽ ديش جا به. سمجهيئه ڪجهه؟
سجڻ: توهان جون ڳالهيون اڄ ڪلهه سمجهڻ
کان دور ٿي ويون آهن.
گلاب:- اڃا ويندئون سمجهڻ ۾ فڪر نه ڪر.

چار گھوڙي سوار ۽ انهن جي پٺيان هڪ هاٿي... اُن تي هڪ بانڪو بهادر سوار... اوهه پهريدار، عجب گهوڙي تي دادا جن ۽ آهن. دروازو کولي ڇڏ. اڙي، هي ڇا خود مهاراج ۽ بيٺا آهن.

(دروازي کلڻ ۽ قدمن جو آواز)

سجن: دادا!

گلاب: ڪير؟ سجن؟

سجن: ڇا مون کو گناهه ڪيو آهي ڇتي بڇي.

گلاب: نه.

سجن: دادا، هاٿيءَ تي ڪير آهي؟

گلاب: ونور جو ناناصاحب پيشوا.

سجن: ونور جو ناناصاحب پيشوا؟ ناناصاحب؟

(سنگيت)

گلاب: مونکي وچڻو ٿيي پوندو مهاراج. مونکي خوشيءَ سان آگيا ڏيو. مونکي وچڻو ٿيي پوندو.

مهاراج: ديوان گلاب سنگهه جي.

گلاب: مهاراج. ان جو مطلب اهو ڪونه آهي، ڏ...

ماڻهن ۾ هراس ڦهليل آهي. اجا ٽيون ڏينهن مون
سان هڪ ساڌو گڏيو. هو چئي رهيو هو ته: هن
ديش مان ويرتا ختم ٿي وئي آهي. ماڻهو
پنهنجو فرض- ڌرم وساري چڪا آهن: ۽ پوءِ
غضبناڪ آواز ۾ چيو هئائين: هن رت- ڪمل
کي خون ڏيو ها... روئي ۾ ڪوڙ ملندو.

گلاب: اڇا! (سنگيت)

(زنجير ڪڙڪڻ جو آواز)

پهريدار: ورب شايد اهي ڪي هوندا.

سجن: اهي ڪير؟

پهريدار: ويرجي تو هان!؟

سجن: (تيز آواز ۾) اهي ڪير؟

پهريدار: جيڪي ايندا آهن ۽ جن سان...

سجن: ها ها... جن سان؟

پهريدار: ديوان جي ملندا آهن.

سجن: اوهه! تنهن ڏس ان ڪير آهي.

(قدمن جو آواز)

پر مهاراج هي رياستن جو ودرو هر کونه
آهي. هي ڏرم- پڻ آهي جنهن ۾ چاهيندو
چا مسلمان هرهڪ پاڙيواسي..

مهاراج: ۽ سجڻ سنگهه ؟

گلاب: اسان جي جوڙي آهيا- اُو دل جي جوڙي آهي
آهيا بيروڳا طرف پنهنجو جيڪو فرض کونه
نباهيو. اُهو اُو دل نباهيندو مهاراج.

مهاراج: ڪيس توهان پڻ ابو آهي ؟

گلاب: نه مهاراج- ڪيس اهو بن اُڏط جي همت مون ۾
کونه آهي. پنڌرهن سورهن سالن کان مون پاڙ
کي سندس پيءَ ماءُ پاءُ سڀ ڪجهه سمجهندي
پورو پورو پيار ۽ دلار پيئي ڏنو آهي. ان ۾ شڪ
کونهي ته هن جي شڪل ڏسندي ئي مان موهه
۾ ڦاسي ويندس. منهنجو ابترو عرض آهي
مهاراج. جيڪڏهن بروڳا ڏانهن منهنجي نباهيل
فرض جي ذري به قيمت ۽ اهميت توهان
جي نظر ۾ هجي ته سجڻ جو خيال رکجو

مونکي ٻيروُئا جي پلي جي چنتا ڪونہ آهي.
منهنجو وار وار توهانجي پلي جي ڪامنا تو
ڪري. پر ديش جو ڏير مونکي پڪاري رهيو
آهي. مان وڃي رهيو آهيان.

مهاراج: (دکي آواز ۾) ان جو انومان نہ مون ان وقت
ئي لڳايو هو جڏهن نانا صاحب پڌاريا هئا.
ديوان جي، ان کان پوءِ توهان جا سڀ ڪم توهان
جي وڃڻ جو ئي اشارو ڪندا رهيا... توهان
ٻيروئا جو پلو ڪندي جيڪو اڌ خزانو خالي
ڪري ڇڏيو هو بہ ان ڳالهہ جو ئي ثبوت هو
نہ بہ مون کي توهان لاءِ ڪائي شڪايت ڪونہ
آهي. پر هڪ شڪ آهي نہ ڪمپني سرڪار جي
خلاف رياستن جو ودروهہ ڪامياب ويندو
الائي نہ ... پوءِ ان جو نتيجو.

گلاب:- نتيجن ۾ ڪاميابي. ڪوشش ۽ ديش ڀڳتي
جي ڀاونا تي آڌار ٿي رکي. مهاراج. اسين
نہ بوند بوند ملي ساگر ٺهڻ جي ڪوشش ۾ آهيون.

(قلمن جو آواز)

دادا، رکجي وڃو دادا...

گلاب: تون اڃي ٿي وڃين سڄڻ! هٿ ۾ هڻي ننگي
تلوار چوڪنڊي ابيٺي؟ تون قلعي ۾ اندر ٿي
رهه سڄڻ. آءٌ هاڪي پنهنجو ڏره بناهڻ ڏي
اوڏل، اوڏل جو ڀه وارو ايندو.

سڄڻ: مان توهان کي وڃڻ ڪونه ڏيندس دادا...

گلاب: هي ڇا جو ڇا ٿيڻو آهي سڄڻ؟ مون نه توکي
پنهنجين اکين جو تارو ڪري سنڀاليو آهي.
جيترو به ممڪن هو مون توکي پيار ڏلار
ڏنو آهي. هاڻي سڄڻ، ڪجهه وقت لاءِ نه
اهو موهه جو پنڌان ٽوڙي ڇڏ!... توکي نه
خوش ٿيڻ گهرجي ته تنهنجو دادا هڪ پوبٽر
پکيه ۾ آهو ٿي ڏيڻ لاءِ وڃي رهيو آهي. ان
پکيه جي دو نهين سان سڀ ڪنڊون ۾ طرف
پوبٽر ٿيندا. سڄڻ، مان جلد ٿي موٽي ايندس.

سڄڻ: نه دادا، توهين نه وينديو... دادا جنهن پوسڪ ٿي

مونکي وسواس آهي ته منهنجي کوٽ جي هو
پوري طرح پورٽي ڪري سگهندو.

(ٻشڪن جي وچڻ جو زوردار آواز)

(قدمن جو آواز)

سجن: پهريدار...

پهريدار: وير جي، ڏسي رهيا آهيو نه؟ جيڪو ڏيپ
هواهو ٿي ٿيو نه آخر.

سجن: ڇا ٿيو؟

پهريدار: ديوان گلابسنگهه جي، سڄي سينا سان
گڏ وڃي رهيو آهي.

سجن: هون...

(ميان مان تلوار ڇڪي ڪيڻ جو آواز)

مان پنهنجي پاءُ ٿي نمڪ حراميءَ جو الزام
نه لڳڻ ڏيندس.

پهريدار: وير جي، ٻاهر ٿي هزار جوڌا ديوان جيءَ اڄ
ٿرسيا بيٺا آهن.

سجن: وير تعداد جي ڪڏهن پرواهه ڪون ڪندا آهن.

«٤» چالاڪ شينهن

شينهن، گدڙ، ٻانڊري، لومڙي

شينهن: (پاڻ سان) غو... مان شينهن آهيان. ٻراج
شينهن، هن جهنگل جو راجا. هن جهنگل جو
مالڪ. اڄ پيڙو ٿي ويو آهيان ته ڇا ٿيو؟ اڄ به
ڪوئي منهنجي سامهون اچڻ جي همت
ڪونه ٿو ڪري سگهي. ڪوئي منهنجي اڳ
سان اک ملائي جو لفظ ڳالهائي نٿو سگهي.
ڇاته منهنجو رعب آهي! ڇاته دٻدٻو آهي!
ڇاته دٻاءُ آهي! غو... مان شينهن آهيان.
پيڙو پر شينهن. (ڪجهه دير چپ)
پر مان شينهن ٿيس ته ڇا ٿيو. منهنجو
رعب ۽ دٻدٻو ٿيو ته ڇا ٿيو. رعب ۽ دٻدٻي
کي ماڪي لڳائي چٽيندس ڇا؟ ٻيڙاپي جي
ڪري شڪار ڪرڻ جي طاقت بدن ۾ ڪونه
رهي آهي. نه ڪو اڳي جهڙي صحت آهي.

اسان کي آسرو مليو، عزت ملي ۽ جتان جو لوڻ
اسان جي نس نس ۾ سمايل آهي. خون جي بوند
بوند سان ملي ويو آهي. ان کي هيئن ڇڏي وڃڻ...
مان توهان کي نمڪ حرامي ڪونه ڪرڻ ڏيندس !

گلاب: سڄڻ! ديش جي پڪار اوڻائڻ کي تون نمڪ حرامي
ٿو سڏين؟ آزاديءَ جي جنگ کي اهو درجو ڏيئي
رهيو آهين تون؟ بيروڻا کي ڀارت کان وڌيڪ
سمجهي رهيو آهين تون؟

سڄڻ: (ڇپائڻ ڪري) مان چئي ٿو ڇڏيان دادا! جي توهان
هتان ويا ته مان پنهنجي گردن ڪٽي ڇڏيندس.

گلاب: تون پنهنجي گردن ڪٽيندين؟

سڄڻ: هائو...

گلاب: ڇا لاءِ ؟

سڄڻ: نمڪ حرامي جي الزام کان بچڻ لاءِ !

گلاب: (کلي) پاڳل !
(گهوڙي جي هلڻ جو آواز)
وڃ سڄڻ، مان جلدي واپس ايندس.

سڄڻ: دادا...
(تلوار جي ڇڻڪاٽي جو آواز شور)

هڪ آواز: ديوان جي، ديوان جي

گلاب: (گهوڙو دوڙائيندي) اوڌل پنهنجي سوار جي -
پڳڙي سنڀالجي، آجا آئها جي ديش پڳڙي باقي
آهي. هل... هلندو هل...
(گهوڙن جي ٽاپ جو آواز دور ٿيندو ٿو وڃي)

ڇپيل : هندواسي ۱۱ آگسٽ ۱۹۶۷ ...

شينهن: شريمان گدڙ جين! منهنجا پيئو. منهنجا دادا،
مون کان ڇڄ نه. مان شينهن آهيان نه ڇا ٿيو،
ڇا مون کي وويڪ ڪونهي!

گدڙ: سائين وويڪ ضرور اٿيئي، پر اُهو ٻين کي
کائڻ لاءِ ڪم ايندو اٿيئي. مونکي پوري
پوري خبر آهي.

شينهن: منهنجا مٽ منهنجا بنڌو. منهنجا پيارا،
اِهي پراڻا اِتهاس آهن. کاڏي پيني ۾ عيش
عشرت جا ڏينهن ويا. هاڻي نه رام سمرڻ جا
ڏينهن اچي ويا آهن. اندر اچي ڏس غفا
جي ڇتي پاسي ڌرمي ڪتاب پريا پيا
آهن. روز صبح جو نت نيم سان ڏسي
رامائڻ جو پاٺ ڪندو آهيان. سائين محلي
جا سلوڪ برزبان ياد آهن:
گن گوبند گائيو نهين، جنم اڪارٿ ڪين!

گدڙ: يقين ڪين ٿو اچي سائين! ڪنهن شينهن
۾ ايترو ڦيرو اچي ويو هجي. اِهو نه اکين
ڏٺو نه ڪنهن ٻڌو.

نه ڪي ڦرنٽي. بک پر ھيٺو ٽي وبو آھيان.
پاڻ ٻاھر نڪري شڪار ڪري نه ٿو سگھان
۽ ڏچ ڪان ڪوئي مون وٽ اچي ڪونه ٿو.
ڪلھ جو رعب ۽ دٻاءُ ۽ دھشت اڄ جهي
مصيبت ٽي پيئي آھي. ڪنن ڏ ڏيٺو. بدن
ڏکيٿو، آکين جي جوت جھڪي ٿي وئي
آھي. پر پيٽ جي بک اڃا ڪونه مئي آھي.

(عجب مان) اڙي! ھي ڪير وڃي رھيو
آھي؟ ھي نه گدڙ ڏين آھي. (زور سان)
شريمان گدڙ ڏين .... شريمان گدڙ ڏين.

گدڙ: (ڇاڻ سان) اڙي، ھي نه بزاج شينهن
جو آواز آھي! شينهن مون کي ڇو ٿو
سڏي؟ پڇي جان بچايان.

شينهن: شريمان گدڙ ڏين، توں ڊڄ نه. بلڪل نه
ڊڄ. مان شينهن ضرور آھيان، پر بيو
آھيان. اڄ، مون ڏانهن اچ.

گدڙ: پلي توں بيو ھجين پر آھين نه شينهن
نه. مون کي نه ڊپ لڳو ٿئي!

شينهن: پوءِ ڪوئي شينهن ڪنهن جانور، هرڻ يا ٻڪري
کي ڪونه کائيندو. سڀئي جهنگلن جا جانور
هڪ ٻئي سان پيار ۽ پريم وانگر رهندا.
سڀ محنت مزدوري ڪندا. اوچ نيچ، پلوان
نربل، هاٿي، هرڻ ۽ شينهن، ٻڪريءَ جو
ڀيد ختم ڪرڻو آهي.

گدڙ: سائين، اهڙا اوچا ۽ نوان خيال اول ته توهان
کي ڪونه ٿي آيا!

شينهن: (کلندو) ها ها ها ها! ڏٺي شرير ۾
ٿي شڪتيشالي من رهندو آهي. بدن جيئن
جيئن وڃيٿو ڪمزور ٿيندو ويچار ٿيئن
ٿيئن وڃن ٿا سڌر ٿيندا! ڪاش، مان جوان
ٿي ڪمزور ها!

گدڙ: بنراج، توهان ڏاهيه آهيو، ٻوجهه آهيو.

شينهن: ته ڀلي اچ. منهنجي ويجهو اچي ويهه
ته رٿا کي فائينل روپ ڏيون. اڄ کان وٺي
تون منهنجو P.A. آهين... P.A. جو مطلب
سمجهين ٿو نه؟

شبنم: پائي گدڙ راج، وقت وڏو ٻلوان آهي.
منهنجي حالت نه اڄي ڏس. چنبا منڊا ٿي
ويا آهن. ڏند ڀڄي پيا آهن. هاضمي
جي اِها حالت آهي جو گنگاجل به پچائي
نه ٿو سگهان. ساهه ساهه سان ديا ديا ۾
اهنسا اهنسا جو اکنڊ جاپ جپيندي رهيو
آهيان. هاڻي ڇا جا يوگ. ڇا جا وِلاس. ڇا
جا شڪار ۾ ڇا ٿي اهنڪار! هاڻي نه وڃي
هڪ ئي آخري تمنا بچي آهي، آخري تمنا.

گدڙ: آخري تمنا؟ اها نه انهن ۾ پئلا ٿيندي
آهي جن جو موت بلڪل ويجهو هوندو آهي.

شبنم: تڏهن نه چئي رهيو آهيان. موتکان ڊچونه.
موتکي پيار ڪريو. موتکان دور نه ڀڄو
منهنجي ويجهو اچو.

گدڙ: ڪهڙي آهي تنهنجي آخري تمنا؟

شبنم: مان ٢٤.٨١.٥ وانگر هڪڙو جهنگل - منڊل
برڇا ڪري ٿو چاهيان.

گدڙ: ان مان ڪهڙو فائدو ٿيندو بنراج؟

گدڙ: توکان ڪهڙو ڊپ منهنجا سائين! توهان نه انسان
ڇو ڪرپال آهيو، ننگپال آهيو. بس حڪم ڪرڻ
آهي ته ٿي رکي پورو ڪري اچان.

شينهن: مونکي هن جهنگل مان ڊپ ۽ خوف دور ٿيڙو
آهي. جيئن مونکان ڪوئي ڏکي نه پر دل
کولي ڳالهائي ٻولهائي. ملڪ اچي. مان
سيني سان ڪيرڪنس ٿيڻ ٿو چاهيان.

گدڙ: توهان فڪر نه ڪريو سائين مان سڏياوتا ڀاترا
ٿي هاڻي ٿي ٿو ڏيکاران.

شينهن: هائو. جلدي ڪر. مون لاءِ هر هڪ جي دل ۾
اهڙي نه سڏياونا پر جو هر هڪو چاڙ ڪان پيل
پيو ڏکي پر مون کان نه ڏکي.

گدڙ: جو حڪم سائين.

شينهن: هڪ هڪ جانور کي موڪل. مان انهن
سان اڪيلو ويهي پيار ونڊيندس. صلاح
مصلحت ڪندس، پوءِ وڏي ميٽنگ ڪوٺائيندس.

گدڙ: برابر ٿو چئو سائين!... چڱو سائين، مان
هلان ٿو. سڏياونا ڀاترا ٿي.

گدڙ: هائو سائين. مان گدڙ آهيان. گدڙ هرڪو ڪون آهيان. ڇا اهو به نه سمجهندس ته P.A. ڇا ٿيندو آهي! P.A. معني پنهنجو آدمي. بلڪل نج پنهنجو آدمي....

شينهن: (کلي ٿو) ها ها ها ها ها. سچ ٿو چوين گدڙ سچ ٿو چوين. پر پنهنجي آدمي کي انگريزي ۾ چوندا آهن پرسنل اسيسٽنٽ! سمجهئه؟

گدڙ: هائو سائين پورو پورو سمجهي ويس. P.A. يعني اُهو ساٿي جيڪو اهڙي طرح لڪي ڇپي ڪم ڪري جو کاٻي هٿ کي به خبر نه پوي.

شينهن: (خوش ٿي) واه ڙي گدڙ واه! تون نه ڪو وڏو ودوان، ٻيٽوان ٿو ڏسڻ ۾ اچين. اڄ توکي مان هڪ ضروري ڪم ٿو سونپيان.

گدڙ: حڪم ڪريو سائين!

شينهن: جهنگل جي جانورن لاءِ تون ٿيٺي ڊاسترناهه!

گدڙ: اهو ته سائين، بلڪل معمولي ڪم آهي.

شينهن: ته پوءِ تون اهو معمولي ڪم ڪجانءِ. پر. هاڻي ته مون کان ڪونه ٿو ڊڄين نه؟

پيو پوليون پڙائين !

گدڙ: اڙي باندري. هن جهنگل کي ماڻهن وانگر گلشن بڻائڻو آهي.

باندري: نه پوءِ ٿيو ستياناس !

گدڙ: ستياناس نه پر ڪاياڪلپ چئو ڪاياڪلپ ! توکي ڪهڙي خبر ته هن جهنگل ۾ ڪهڙا منگل ٿيا آهن. ڪهڙا چمتڪار ٿيا آهن !

باندري: چڱو ٻڌاءِ ڀلا ڇا ٿيو آهي. هن جهنگل ۾ ؟

گدڙ: پهرين ڳالهه ته ٻراج شينهن اهنساوادي ٿيو آهي

باندري: اهنساوادي ؟

گدڙ: ٻي ڳالهه ته هو وڏو جانور سڌارڪ ٿيو آهي.

باندري: جانور سڌارڪ !

گدڙ: ٽين ڳالهه ته هو سڀ کي پيار ونڊڻ جي ڳنڍڙ ٿو چاهي

باندري: سڀ کي پيار ؟ ڇا شينهن ؟

گدڙ: هائو. باقي چمتڪارن جو بيان پوءِ ڪبو.

باندري: هي تون چوين ڇا پيو؟

گدڙ: اهو ٿو چوان جيڪو ڏٺو اٿم. ٻڌو اٿم ۽ جيڪو سچ آهي.

(گدڙ وڃڻ ٿو. وڃڻ جو آواز)

شينهن: چڱو گدڙ کي گڏهه بڻايم! هاڻي اهو دلال
پيو مون ڏانهن گراهڪ موڪليندو. هاءِ بُک
پر ساهه نٿو نڪري، گدڙ بچا، جلد ڪر گراهڪ
موڪل. (سنگيت)

گدڙ: اڙي پائي، باندري پائي آهين ڇا؟

باندري: هائو گدڙ پائي! تون ڪيڏانهن پيو وڃين؟
ڏاڍو خوش نگو پيو آهين، مرڪين پيو ٿو.

گدڙ: ڇو نه مُرڪان' ڇو نه مُرڪان! مان بنراج
شينهن جو P.A. جو بڻبو آهيان.

باندري: (عجب مان) بنراج شينهن جو P.A! اِها
وري ڪهڙي بلا آهي؟

گدڙ: اڙي باندري، ڏاڍي ڪاپولي آهين! اِها بَلا
ڪانهي. پدوي آهي پدوي. مان سدپاونا
پاتر ٿي نڪتو آهيان.

باندري:- پدوي؟ سدپاونا؟ پاتر؟ اڙي گدڙ! هي
توکي ڇا ٿي ويو آهي؟ ڪنهنجو بڇو
نه کونه پيو انگي؟ تون نه بلڪل ماڻهن وانگر

جي تنهنجو انتظار ڪري رهيو آهي ڏس.

توکي نه بنراج سنگ پيو ڪري. پر بيهه، پاسو!

شينهن: هلي آ، هلي آ! هلي آ ڪماري باندري! هلي آ..

اڄ ته ڪجي پنهنجائپ جون ڳالهيون ڪريون... هلي آ...

گدڙ: جڳو سائين، دمان ورتي وڃان ٿو. سڏ پاوڻا باندر

شينهن: نئي وڃ گدڙ جلدي وڃ! اصل ڏهڪون پائيندو

وڃ. آڏاميندو وڃ. جنهوجيت وانگر

(گدڙ جي وڃڻ جو آواز)

ڪماري باندري، گدڙ جي منهنجو P.A آهي

نه تون منهنجي مکيه صلاحڪار آهين. هلي آءُ،

منهنجي ويجهو هن پٿر تي اچي ويهه.

باندري: جيڪو حڪم. (اوچتو باندري چيخ ٿي ڪري).

شينهن: باندري، تون منهنجو ناشتو آهين.

بريڪ فاسٽ.. واهه! خوب نرم نرم آهي ڪماري

باندري جو گوشت. واهه، واهه، واهه.

(سنگيت)

شينهن: هلي آ هرڻي بائي هلي آ. ڇا نه شاندار

آهي تنهنجي صورت. هلي آ، ڊڄ نه، ويجهو اچ

باندري: تون ته سچ پچ موذي عجيب آهين. جيڪڏهن توکي خبر

گدڙ: اڇا ٻڌ. ٻنراج شينهن هر هڪ جانور سان
ملڻ ٿو چاهي.

باندري: ڇا لاءِ؟

گدڙ: جيئن سيني جاءِ دلين مان ڏپ نڪري وڃي.
سڪ، پيار، وشواس ۽ سهڪار جو واڌو ميڊل
پيدا ٿئي، هن جهنگل ۾ سچو منگل ٿي پوي!

باندري: ڳالهه ته واهه جي ڪئي اٿئي.

گدڙ: مون ڪڏهن ڪا جهڙي تهڙي ڳالهه ڪئي آهي؟

باندري: پوءِ هاڻي ڇا ڪبو؟ ڪهڙو آهي هون اڄ ڪڪر؟

گدڙ: بس، هڪ ور ٻي ڪهڙو. هلي هل سڌي
ٻنراج شينهن وٽ.

(سنگيت)

شينهن: اوهه! هيڏي دير ٿي وئي آهي. اڃا ڪوئي
شڪار ڪونه آيو آهي. اوهه!
(ٿورو ترسي) اڙي، هي ڪير ٿو اچي؟
واهه! هي ته باندري پئي اچي!

گدڙ: ڊڄ نه مائي باندري، اصل نه ڊڄ. بيڌڙڪ
هلي وڃ ٻنراج وٽ... هو ڏس، ٻنراج ڪيئن

لومڙي: توکي وسواس نه ٿو اچي.

شينهن: ڏس نه، ڪيترا جانور مون وٽ آيا آهن. ڇا اهو
ثبوت ناهي ته مان اهنسا وادي ٿي ويو آهيان؟

لومڙي: نه، اهو ڇالاءِ اِن ڳالهه جو ثبوت آهي ته توهان هاڻي
بهادر شينهن نه پر حرفتي شينهن ٿي پيو آهين.

شينهن: اهو وري ڪيئن؟

لومڙي: ڏس، جانورن جي غفاءِ اندر وڃڻ جا نشان ته
آهن، پر ٻاهر اچڻ جا نشان فقط گدڙ جا آهن.
۽ گدڙ تنهنجو دلال آهي.

شينهن: اوهه!

لومڙي: چڱو چاچا ٻيا شينهن نانا- آءُ گو.

(وڇڻ جو آواز)

شينهن: غو... هاڻي مان انهيءَ گدڙ جي پيٽ کي
ڪاٽيندس. غو...

اڄا ويجھو اچي ويھه نه ڪن ۾ ھڪ راز جي

ڳالھه. ٻڌ ايان ءِ. (ھرڻ جي چيخ)

(سنگيت)

شينھن: ھلو؟ ٻاڳلواڙي چڪري ديوي ھلي آءُ، دير نه.

ويجھو اچ. ڇا مون پڇي شينھن کي مدد نه

ڪندين؟ اچ، منھنجي گوڏي سان گوڏو ملاءِ

ويھه. آ، ھلي آءُ (ٻڪري جي چيخ)

(سنگيت)

گدڙ: لومڙي ٻائي، ھوءَ آئي سامھون ٻبر جي غفا

لومڙي: - چڱو. تون وڃ ٻلي. مان پاڻھي وڃان ٿي.

گدڙ: - چڱو. گڊ باءِ.

لومڙي: گڊ باءِ. (گدڙ جي وڃڻ جو آواز)

شينھن انسان وادي ٿي وڃي. ال ٿي يقين نه

ٿو اچي. ڪٿي دال ۾ ڪو ڪارو ضرور آھي.

ٿڪڙ ڪم شيطان جو ٿيندو آھي.

ڪجھه سوچڻ گھرجي.

شينھن: ڀڄي ڇو وئين؟ لومڙي ٻائي؟ ھلي آءُ

نه. جلدي اچ. دير نه.

لومڙي: مان نه ايندس.

شينھن: ڇو؟

OM SAI RAM



WELL WISHER

Ulhasnagar

-:- منوهر بيديءَ جو ڇپيل ساهتيه -:-

(١) رات رهندي نه سدا (ويهن رس پرپون ڪوتائون)
(٢) امر (سنگيت روپڪ)
(٣) بيوٽي ڪئين (اپنياس - سلسليوار قسطن ۾)
(٤) آڪسن جو رشتو (" ")
(٥) ڪاري چاندني (" ")
(٦) گمراهه (" ")
(٧) پنجون شخص (ناٽڪ : سلسليوار قسطن ۾
(٨) سرل پيل يگ (نيون ڪوتائون: ڪرشن لعل بجاج سان گڏ)
(٩) هرا سيل پيڙهي (ڪهاڻيون)
(١٠) جهرمر (ٻال - ڪوتائون)

❀ ۽ رسالن / اخبارن ۾ ڇپيل انيڪ گيت، غزل، ڪوتائون، ليک وغيره.